# پيد پاو جو پوٽ

هن چيو "شعر ٻڌندينءَ؟"

شيلا اندر ۾ هڪ شرڪ کي ڄڀلئي چيو, "شعر مونکي نہ وڻندا آهن." ديپڪ سندس اکين ۾ ڏٺو. شيلا محسوس ڪيو ڪنهن انڌياريءَ ڪونيءَ ۾ ڪوئيٻہ ديپ جهليٻبيٺو آهي ۽ سندس نظر ٻئجي ويئي اندر نڙيل پڪڙيل غريبيءَ تي, جتي نہ ڏن هو نہ گيان هو, چو تہ نہ پستڪن جا ورق ٿي اڏاٽا نہ ڪي اتي ريشمي پردا تي ڦڙڪيا. پنهنجي سڪيميءَ جي حالت تي لڄي ٿي پلڪون جهڪلئي ڇڏيلئين. سامهون هو داتار جنهن وٽ ڏنٻہ هو گيانٻہ هو ۽ پوءِٻہ پلڪن سان غريب گهر کي ڍڪڻ چا هو؟ ايمان يا سومان؟ دل چيو, "ايمان" ۽ شيلا اگڻ جو پنيون دروازو کولي چيو هو, "شعر نہ وڻندا آهن جو سمجهندي ناهيان. ليڪن توهانجو ڳالهلئڻ نہ وڻندو آهي,ملئين مون کو نہ چيو."

"اچا!" ديپڪ هڪ ڊگهو ساهہ کنيو ۽ شيلا مٿان حسرت ڀري نظر اچلي دوستن جي ميڙاڪي ڏي هليو ويو.

شيلا جنهن وڏي پٿر تي ويٺي هئي, انجي چوڌاري جيڪوٻہ گاهہ ڪڙيل هو انکي پٽي ڪٽي ڦٽو ڪيو. ڪاليج ۾ پيرڊ جو گهنڊ وڄيو. هوءَ اٿي اندر ڪلاس ۾ ويئي هڪ پيرو ديپڪ سان نظرون ملي ويس تہ سندس نظر جهڪي ويئي ڄڻ چئي رهي هئي "مونکي سهڻو نوهہ سمجهيو آهي نہ تو؟"

مگر رات جي تنهلئيءَ ۾ جڏهن ڪاليج جي هن ننڍڙي واقعي تي سوچڻ ويٺي, تڏهن گهڻو ڪجهہ نرڻئہ ڪرڻ ڪانسواءِ ڪيس ننبڌي نہ مڱي. گهڻو ڪجهہ ٺورنئي اکرن ۾ طيءَ ٿي ويو. "رڳو ڪجهہ نہ هجان ها تہ هو ڪاليج جيٻين چوڪرين کي ڇڏي منکيٻئي چو شعرٻڌلئڻ اچي ها؟ پر ڪاليج جيٻاغيچي جي ڪنڊ وني اڪيلي ويٺي هئس, شايد دوکو ٿيو هجيس تہ مان سکين جي ڪل ڪل مان پريشان آهيان, انڪري ڪا گنڀير آتما هونديس. ڪجهٻہ هجي ڪيس دوکو ٿيو آهي, انڪري منهنجي سومان کي چوٽ هٽي وڃڻ ۾ سندس ڪوئي ڏوهہ تہ

ڇڏيو هئي ڪين. ٻئي ڏينهن صبح جو الاجي ڇو ديپڪ کان معافي وٺڻ لاءِ سندس من پريشان ٿي اٿيو... پنهنجيءَ اهڙيءَ ڀاونا لاءِ ڪيس ڪارڻ ڳولهينديءَ به نه مليو.

مگر انتظار اڪين ۾ ئي رهجي ويو. ان ڏينهن ديپڪ ڪاليج ۾ ئي نه آيو. شيلا گهر وڃي اگڻ ۾ ڪرڻيل سڀ گل چني ڦٽا ڪيا.

ٽئين ڏينهن ته ديپڪ کي ڪاليج جي وڏي دروازي مان گهڙنديئي آواز ڪنن تي پيو. ڪجهه سنڪوچ پريو ڪجهه ٻيباڪ. هوءَ پڇي رهي هئي، "ڪلهه ڇو نه آيا؟"

ديپڪ جي مک تي چمڪ اچي ويئي، "ڪلهه ڇو نه آيا" اکرن جي پٺيان جو "ڪيڏو انتظار ڪرايو اٿو" جي اپ ڌوني هئي سا ٻڌنديئي ديپڪ جي جيءُ ڪڙڪٻيتڙي جيان چمڪي پيو. شيلا سان گڏ قدم کڻندي، ڪاليج جي لان تان هلندي، آهستي چيائين، "گل جي چني هئي".

"مطلب؟" شيلا نراشا کي اکين جي ڇپڙن سان ڍڪي ڇڏيو.

"مطلب ڪجهه نه، بس پلئه ئي جي چني هئي، انڪري نه آيس." شيلا سامت جو ساهه کنيو.

"نالو ڇا رکيو؟"

"نالو نڪتس گلاب".

"گلاب؟"

"ڇو نه وڻيو".

"جهونو نالو آهي".

"گل ڪڏهن به جهونا ناهن".

"گلن جي نالن سان ماڻهوءَ کي سڏڻ ته جهوني ڳالهه ٿي سگهي ٿي".

"مان ته جيڪر پاڻ تي چنبيلي نالو هرگز نه پسند ڪريان".

"۽ ڪمل يا ڪملني؟"

"اهي ته ٺيڪ پيا لڳن. جهونا ڪينهن".

... ... ...

چوندون پوريون ٿي ويئون. جيئاڻيءَ کي فقط اٺ ووٽ مليا پوءِبہ جيئاڻيءَ جي چهري تي کنهن کي هار جا نشان نظر نہ آيا. هن نئين سيڪريٽري سانبلڪل خوشيءَ مان هٿ ملايو. دوستن چرچو ڪيو، ”جيئاڻيءَ هڪ جي ڪري، جهان وڃڻي ڇڏيو.“

جيئاڻي مينهن ۾ تر تيل گلن جهڙيون اکيون ڪٽي چيو، ”ڪوئي هڪ ۾ جهان پڻيبہ تہ سگهي ٿو.“ دوستن تاڙيون وڄڻي واهہ واهہ ڪئي. هڪڙي ڪنڌ لوڏي چيو، ”اسڪا پي ڪوئي جواب نهين“ ديپڪ نشي واريون اکيونبڻڻي ڏاڍي ناز ۽ ادا سان پاڻيءَ جو ڍڪ ڍڪ پيئڻ لڳو.

شام جو ديپڪ شيلا جي گهر ويٺو اوپاري لهواري ڪري رهيو هو. اوچتو مئنا واري ڪنڌ خالي ڏسي چيئين، ”شيلا هڪ ڳالهہ ڏاڍو منجهايو اٿم.“

”ڪهڙي ڳالهہ؟“

”ميئٽ مونکي مڱڻڻ جون تياريون ڪري رهيا آهن.“

”توهان ۾ تہ هن وهيءَ کان اڳ ۾ئي شادي ڪرڻي چڏيندا آهن...“

”جي، مگر تنهنجو ڇا خيال آهي.“

شيلا کي مئنا جو ڪارٽون ياد اچي ويو. آهستي چيئين، ”هيءُ توهان جو ذاتي مسئلو آهي مان ان ۾ ڪجهبہ نٿي ڳالهڻي سهان. توهان تيئي سڀ ڪجهہ ڇڏيل آهي.“

”هنن ٿورن مهنن ۾ جيڪو توسان رستو ٿي ويو آهي ان موجب توکان پڇڻ ضروي لڳم.“

”تہ توهان پڇيئي ورتو ۽ مونبہ جواب ڏيئي ورتو. نہ تہبين جي معاملن ۾ مان نہ پوندي آهيان.“

ديپڪ ڪجهہ دير چپ ويٺو رهيو ۽ ٿوري دير ڪانپوءِ ٿڌو ساهہ ڪٽي، اٿي کڙو ٿيو. ويندي ويندي چيئين، ”شهر جي پليل شيلا ڪماريءَ کي نمسڪار.“

”شهر جي پليل“ لفظ شيلا جي اندر ۾ کپي ويا.

شيلا هاڻ ڪاليج ۾ ته ديپڪ کي ٻُولهيندي ٿي رهي پر رستي روڊ تيءِ سندس اکيون ڪنهن جوان ڇوڪري جو ٿوروبہ اهڃاڻ ديپڪ جهڙو ڏسنديون هيون ته اداس ٿي وينديون هيون.

هڪ ڏينهن شيلا نندڍيءَ پيڻ مڱنا کي چيو، ”اهو ديپڪ وارو ڪارٽون وري ڏيکارج.“

”اڙي ديدي! هاڻي ته سندسڀيو ڪارٽون ڪڍڻ واري آهيان، جڏهن ڏيپومل گهوڙيءَ تي چڙهيو وينو هوندو، مٿي تي واڻين وانگر مٿڪ ۽ وات تي رومال...“

شيلا پيڻ کي پرون تاڻي چيو، ”ڏاڍي ٿيگڙ اٿيئي ذات پات جي. وطن وڃڻ ڪانپوءِ به واڻيي ۽ شهري جي پيد پاو جو پوت ڪونہ ويو آهي!“